هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

16-06-2016

(Sindhi)



**فيضانِ خديجةُ الكبرٰي**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان خديجة الكبرى

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود جي فضيلت

مديني جي تاجدار، احمد مُختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِرشاد آهي:

زَيِّنُوْا مَجَالِسَكُمْ بِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ عَلَيَّ نُوْرٌ لَّكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهي سينگاريو ڇوتہ اوهان جو مون تي دُرُود پڙهڻ قِيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نُور ٿيندو."

(جامع صغير،حرف الزا ،ص٢٨٠، حديث :٤٥٨٠)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرود ان پہ سدا میں

اور ذکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلاميڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻمدني گل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وجهي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٿڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قريش جي هڪ باڪردار خاتون:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان هفتيوار اجتماع جي برڪت سان جنهن عظيم هستي جو ذِڪرِ خير ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين اها ڪا عام شخصيت نه، بلڪ امهات المومنين حضرتِ سَيِّدَتُنا خَدِيجَةُ الكُبرىٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا آهن جيڪي مومنين جي ماءُ، پياري آقا،حبيبِ



www.dawateislami.net

ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غمگسار، حضرت فاطِمَةَالزَّهرَا ۽ ٻين شهزادن ۽ شهزادين جي والده ۽ امام حسن وامام حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَاجي ناني هئي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا وڏي پيماني تي واپار ڪنديون هيون. هر واپاري جيان پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا کي به اهڙي ذِي شُعُور، هوشيار، باصَلاحيت ۽ سليقي واري ماڻهو جي ضرورت رهندي هئي جيڪو امين ۽ ديانت دار هجي. هوڏانهن سرڪارِ نامدار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُسنِ اَخلاق، سچائي، ايمان داري ۽ دِيانت داري جي شهرت هر خاص وعام جي زبان تي هئي، پاڻ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي غير معمولي اَخلاقي ۽ مُعَاشَرتي وصفن جي ڪري اَخلاقي پَستي واري انهيءَ دَوْرِ جاهليت ۾ به اَمين جي نالي سان پڪاريا ويندا هئا. حضرتِ سَيِدَتُنا خديجه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا تائين به جيتوڻيڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هنن بهترين صِفتن جي شهرت پهچي چڪي هئي ۽ اهي ان ڪري حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجو سامان ڏئي واپاري قافلي سان گڏ روانو به ڪرڻ چاهيندي هئي پر اهو خيال ڪري ته خبر ناهي حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي قَبول فرمائيندا به يا نه، پنهنجو اِرادو ترڪ ڪري ڇڏيندي هئي، وقت گذرندو رهيو ايستائين جو رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِعلانِ نبوت کان تقريباً 15 سال پهرين جو وقت هو. گُذريل سالن جيان هن سال به عرب وارن جو واپاري قافلو ملڪ شام جي سفر تي وڃڻ جي لاءِ تيار هو. (فيضان خديجة الكبرى ص٥،٦،٨) حضرت خديجه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَابه حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن پيغام موڪليو ته مون کي اوهان جي سچائي، امانت داري ۽ چڱن اَخلاقن جي خبر آهي، جيڪڏهن اوهان منهنجي مال کي واپار جي لاءِ کڻي وڃڻ جي پيشڪش قبول فرمايو ته مان اوهان کي ان جو ٻيڻو مُعاوَضو ڏيندس، جيڪا اوهان جي قوم جي ٻين ماڻهن کي ڏيندي آهيان. رَسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي قَبول



www.dawateislami.net

فرمائي ورتو، حضرتِ سيدَتُنا خديجه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا پنهنجي غُلام مَيسَره کي حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ موڪليو ۽ اها تاڪيد ڪئي ته ڪنهن ڳالهه ۾ سندن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني نه ڪري ۽ نه ئي سندن راءِ سان اِخْتِلاف ڪري. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي هن تجارت ۾ ايتري قدر برڪت ۽ نفعو عطا فرمايو جو پهريان ڪڏهن نه ٿيو هو، ان ڪري ايترو گهڻو نفعو ڏسي حضرت سيدَتُنا خديجه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي غلام مَيسَره چيو: اي مُحَمَّد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون ايترو وڏيڪ نفعو ڪڏهن نه ڏٺو جيڪو اوهان جي ڪري ٿيو آهي. خريد وفروخت مان فارِغ ٿي قافلي وارن واپسي جي لاءِ سفر شُروع ڪيو. سفر دوران مَيسَره ڏٺو ته جڏهن منجهند ٿئي ٿي ۽ گرمي جي شِدّت وڌي ويندي آهي ته ٻه (2) ملائڪ سج کان بچاؤ جي لاءِ سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڇانوَ ڪندا آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مَيسَره جي دل ۾ رسولِ ڪريم، رَءُوْفٌ رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت پيدا فرمائي، ان ڪري اهو پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رُوبرو ائين هوندا هئا جو جڻ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا غُلام آهن. جڏهن رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا وٽ پهتا ۽ انهن کي واپار ۾ ٿيڻ واري نفعي جي باري ۾ ٻڌايو ته پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ان تي گهڻو خوش ٿيون ۽ واپار ۾ اڳوڻن سالن جي مقابلي ۾ تمام گهڻو نفعو ڏٺو ته ٽي ٽيل مِقْدار کان ٻه ٻيڻو مال پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ پيش ڪري ڇڏيو.[1]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ته اسان جي پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپار واري مال کي ڪهڙي طرح دِيانتداري سان وڪڻيو ۽

---

[1]...سبل الهدى والرشاد،الباب الثالث عشر في سفره مرة...الخ،۱۶۰/۲،۱۵۹،۱۵۸بتقدم وتأخر.



www.dawateislami.net

پنهنجي ”اَمين“ هئڻ جو عملي ثُبوت پيش ڪري اهو ٻه ٻڌايو ته ماڻهن جي مال جي حفاظت ڪرڻ ۽ ان ۾ ڪنهن قسم جي خيانت نه ڪرڻ هر مسلمان بالخُصُوص هڪ سٺي واپاري جي ذِمّيداري آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ سڀ کان پاڪيزه ڪمائي انهن واپارين جي آهي جيڪي ڳالهه ڪن ته ڪوڙ نه ڳالهائن، جڏهن انهن وٽ امانت رکي وڃي ته ان ۾ خيانت نه ڪن، جڏهن وعدو ڪن ته ان جي خلاف وَرزِي نه ڪن.[1] ياد رکو! اَمانت ۾ خيانت حرام ۽ جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي . الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي امانت ۾ خيانت کان بچڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي، جيئن سيپاري 9 سُوۡرَۃُ الۡاَنۡفَال جي آيت نمبر27 ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَخُوۡنُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوۡلَ وَ تَخُوۡنُوۡۤا اَمٰنٰتِكُمۡ وَ اَنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۷﴾

**تَرْجَمو ڪنز الايمان:** اي اِيمان وارو! الله ۽ رسُول سان دغا نه ڪريو ۽ نه پنهنجن امانتن ۾ خيانت ڄاڻي واڻي ڪريو.

۽ سيپاري 5 سورة النساء جي آيت نمبر 58 ۾ امانتن کي موٽائڻ جو حڪم فرمائيندي ارشاد فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ يَاۡمُرُكُمۡ اَنۡ تُؤَدُّوا الۡاَمٰنٰتِ اِلٰۤى اَهۡلِهَا ۙ

**تَرْجَمو ڪنز الايمان:** بيشڪ الله توهان کي حُڪم ڏئي ٿو ته امانتُون جن جُون آهِن اُنهن جي حوالي ڪريو.

حديثِ پاڪ ۾ ڪامل مومن جي اها صِفَت بيان ڪئي وئي آهي ته مومن هر عادت اپنائي سگهي ٿو پر ڪوڙ ۽ خيانت ڪرڻ وارو نٿو ٿي

---

[1] ...شعب الايمان ، باب حفظ اللسان،۲۲۱/۴،حديث: ۴۸۵۴



www.dawateislami.net

سگهي. (مسند امام احمد، مسند الانصار، حديث ابي امامة الباهلي، ٢٧٦/٨، الحديث: ٢٢٢٣٢) جڏهن تہ مُنافق اَمانت ۾ خيانت ڪندو آهي جيئن تہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مُنافِق جون 3 نشانيون آهن: جڏهن ڳالهہ ڪري ڪوڙ ڳالهائي، جڏهن وعدو ڪري تہ خِلاف ڪري ۽ جڏهن ان وٽ اَمانت رکي وڃي تہ خيانت ڪري.

(صَحيح بُخاري ج١ ص٢٤حديث٣٣ ،غيبت ڪي تباہ ڪارياں ص٤٦٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ خيانت ڪيتري قدر بُرو فعل آهي ۽ مومن هن ڪان پري رهندو آهي ۽ مُنافق هن جو اِرتِڪاب ڪندو آهي. ياد رهي! جهڙي طرح روپين، پيسن ۽ مال و سامان جي اَمانتن ۾ خيانت حرام ۽ جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي اهڙي طرح پنهنجي ڳالهين، ڪمن ۽ عهد بابت امانتن ۾ بہ خيانت ڪرڻ حرام آهي. مثال طور ڪنهن اسان کي ڪا راز جي ڳالهہ ٻڌائي ۽ ان جو انداز اهڙو هو جو ڪنهن کي نہ ٻڌائي وڃي يا چئي ڇڏي تہ اها اوهان وٽ اَمانت آهي ڪنهن ٻئي سان Share نہ ڪجو (يعني ڪنهن ٻئي کي ان ۾ شامل نہ ڪجو). هاڻي جيڪڏهن اسان اها ڳالهہ ڪنهن ٻئي کي ٻڌائي تہ اسان خيانت ڪرڻ وارا ٿياسين. اهڙي طرح مَزدُور يا مُلازم وغيره کي ڊيوٽي جي وقتن ۾ جيڪو ڪم حوالي ڪيو ويو اهو ان جي لاءِ اَمانت آهي جيڪڏهن اهو ان ڪم کي جاڻي واڻي بگاڙي يا ان وقت ۾ گهٽ ڪم ڪري تہ اهي بہ امانت ۾ خيانت جا مُرتڪب ٿيا. اِهڙي طرح حاڪم جي اها ذِميداري آهي تہ هو پنهنجي رِعايا جي نگراني ۽ انهن جي خبر گيري ڪندو رهي ۽ عدل و اِنصاف قائم رکي. جيڪڏهن ان پنهنجي عُهدي وارين ذِمّيدارين کي پُورو ناهي ڪندو تہ اهو خائن شمار ٿيندو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي اَمانت ۾ خيانت کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سيدَتُنا خَديجَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو وڏيڪ ذِڪرِ خير ٻڌون ٿا، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي پاڪيزه صفتن ۽ خُصُوصيتن مان اهو بہ آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا عورتن ۾ سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي حُضُورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سڀ کان پهرين گهرواري ٿيڻ جو شَرف حاصل آهي، اللہ رَبُّ العزّت پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي جبريلِ اَمين عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي ذريعي سلام موڪليو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا حبيبِ ڪبْرِيا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحبتِ بابَرڪت ۾ ڪم وبيش 25 سال رهڻ جي سَعادت حاصل ڪئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا شِعْبِ ابي طالِب ۾ رَسُوْلُ اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ محصور (قيد) رهي رفاقت ۽ مَحَبَّت جومِثالي نمونو پيش ڪيو، اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي سڄي دولت حُضُورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ رکي ڇڏي سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي قبر ۾ هاديءِ بَرحَق صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لٿا ۽ پنهنجي مبارڪ هٿن سان سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي قبر ۾ لاٿو، تاريخ ۾ اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي طاهره ۽ صِدِّيقہ جهڙن عظيمُ الشّان لقبن سان ياد ڪيو ويندو آهي . پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا رحمت عالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نهايت ئي محبوب زوجَہء مُطَهّره هيون، اوهان جي حَيات ۾ رَسُوْلُ اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن ٻيءَ سان نِڪاح نہ فرمايو ۽ اوهان کي جنَّت ۾ شور وغُل کان پاڪ محل جي بشارت ٻڌائي وئي آهي. (فيضان امهات المومنين،ص۲۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ اُمُّ الْمُومنين حضرتِ سيدَتُنا خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي ڪهڙين ڪهڙين عظيم خُصُوصيتن سان نوازيو هو، اچو! هاڻي حضرتِ سيدَتُنا خديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا جو مختصر تَعارُف ۽ ان کان پوءِ سندن جا ڪجھ وڏيڪ فضائل ومَناقِب بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، جيئن



www.dawateislami.net

## وِلادت، نالو نسب، ڪنيت ۽ لقب

اوهان جو نالو خديجه، والِد جو نالو خُوَيلِد ۽ والِده جو نالو فاطمه آهي. نسب جي حوالي سان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا کي اها فضيلت حاصل آهي تہ بين اَزْواجِ مُطهرات رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ جي مقابلي ۾ سڀ کان گهٽ واسِطن ۾ سندن نَسَب رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نَسب شريف سان ملي ويندو آهي.

پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي ڪنْيت اُمُّ الْقَاسِم[1] ۽ اُمّ هِند آهي.[2] ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جا لقب گهڻا آهن جن مان ڪجهہ بِڌونَ ٿا جيئن سڀ کان مَشهور لقب "اَلْڪُبْريٰ" آهي، اهو سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي نالي سان ايترو قدر گهڻو چيو ويندو آهي جو ڄڻ نالي ئي جو حصو معلوم ٿيندو آهي. هڪ ٻيو مشهور لقب "طاهِره" آهي جو زمانہ جاهليت ۾ بہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا کي طاهره چئي پڪاريو ويندو هو ۽ اوهان کي "سَيدَةُ قُريش" بہ چيو ويندو آهي.[3] اهڙي طرح "صِدِّيقہ"بہ سندن لقب آهي. روايت ۾ آهي تہ پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشادفرمايو:"**هٰذِه صِدِّيقَةُ اُمَّتِي** يعني هي منهنجي اُمَّت جي صِدِّيقہ آهن." (تاريخ دمشق، تاريخ دمشق، حرف الميم،٩-مريم بنت عمران، ٧)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جو سلام

اُمُّ المُومنين حضرتِ سَيدَتُناخديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جو شان ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ وٽ سندن مقام ۽ مرتبو ڪيترو قدر اَرْفع ۽ اعليٰ آهي ان جو اندازو

---

1...سير اعلام النبلاء، ١٦-خديجة ام المؤمنين،١٠٩/٢.

2...معرفة الصحابة للاصبهانی، ذکر الصحابيات...الخ، ٣٧٤٦-خديجة...الخ،١٤٤/٥

3...السيرة الحلبية، باب تزوجه صلی الله عليه وسلم خديجة...الخ، ١٩٩/١.



www.dawateislami.net

هن روايت مان لڳايو جيئن حضرتِ سَيدُنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي تہ (هڪ ڀيري) حضرتِ سيدناجبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام رسولِ اکرم، نُورِ مجسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اَقۡدس ۾ حاضِر ٿي عَرۡض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي خديجہ اچي رهيون آهن، انهن وٽ ٿانوَ آهي جنهن ۾ کاڌو آهي. جڏهن اهي اوهان وٽ پهچن تہ انهن کي انهن جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو ۽ منهنجو سلام چئو ۽ جنت ۾ خول دار (اندر کان خالي) موتي سان ٺهيل گهر جي بشارت ڏيو جنهن ۾ نہ شور آهي نہ ڪا تڪليف.[1]

## سلام جو جواب

حضرتِ سَيدَتُنَاخديجہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا سلام جو جواب ڏيندي چيائون: ”اِنَّ اللهَ هُوَ السَّلَامُ وَعَلٰی جِبۡرِيۡلَ السَّلَامُ وَعَلَيۡكَ السَّلَامُ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ يعني الله عَزَّوَجَلَّ سَلَام آهي ۽ حضرتِ جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلامتي، الله عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين.“[2]

مادرِ اَوّلیں اہلِ ایمان کی
ہے یہ اس کی بُزرگی و پاکیزگی
بَرگُزیدہ ہے رَبِّ مُحَمَّد کی بھی
عرش سے جس پہ تسلیم نازِل ہوئی
اُس سرائے سلامت پہ لاکھوں سلام
اُس کا جبریل ملحوظ رکھے ادب
جنّتی گوہریں گھر اُسے بخشے رَبّ

---

[1]...صحيح البخارى، كتاب مناقب الانصار، باب تزويج النبى صلى الله عليه وسلم،٥٦٥/٢، الحديث:٣٨٢٠، ملتقطاً.

[2]...السنن الكبرى للنسائى، كتاب المناقب، مناقب خديجة...الخ،٩٤/٥،الحديث:٨٣٥٩



www.dawateislami.net

کوئی تکلیف اس میں نہ شور و شغب
مَنْزِلٌ مِّنْ قَصَبْ لَا نَصَبْ لَا صَخَبْ
ایسے کوشک کی زینت پہ لاکھوں سلام [1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن شعرن ۾ حضرت خديجة الكبري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي شان وعظمت کي بيان ڪيو ويو آهي ڀاڻ کي عرشِ حق تان الله عَزَّوَجَلَّ جو سلام آيو. ائين ته حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا کي به حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي طرفان سلام پيش ڪيو جيڪا وڏي فضيلت جي ڳالهه آهي پر حضرت خديجة الكبريٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام نه صرف پنهنجو بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جو به سلام پهچايو ته پوءِ اسان چو نه ان امنءِ سلامتي جي پيڪر تي لکين سلام موڪليون.

شعر جي مختصر وضاحت (شعر نمبر2):

اعلي حضرت ٻئي شعر ۾ بخاري و مسلم شريف جي اُنهيءَ حديث جي لفظن ڏانهن اشارو فرمايو آهي ته جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام حاضرِ خدمت ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رَسُوْلَ الله! صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت خديجه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي الله تعاليٰ جو ۽ منهنجو سلام ڏيو ۽ انهن کي جنّت ۾ اهڙي گهر جي خوشخبري ٻڌايو جيڪو موتين سان ٺهيل آهي نه اتي ڪا تڪليف هوندي نه ئي ڪو شور. جڏهن حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت خديجه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي الله تعاليٰ جو سلام پهچايو ته انهن عرض ڪيو! الله عَزَّوَجَلَّ ته پاڻ سلام آهي ۽ سلامتي اُن جي طرفان آهي ۽ جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام تي به سلام هجي.
(صحيح البخاري،٢/٥٦٥، الحديث: ٣٨٢٠،ماخوذاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1]...برہانِ رحمت، ص٤٩.



www.dawateislami.net

## حضرتِ خديجه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي شانِ فقاهت!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن رِوايت مان حضرت سَيدتُنا خديجه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي دِيني مَسائل بابت معلومات ۽ علمي قابليت معلوم ٿي ڇوته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا الله عَزَّوَجَلَّ جي سلام جي جواب ۾ ان طرح نہ چيو: "عَلَيْهِ السَّلَام يعني اُن تي سلامتي هجي. ڇوته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا پنهنجي بي مِثال فهم وفِراست سان اها ڳالهہ سمجهي ورتي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي سلام جو جواب هن طرح نہ ڏنو ويندو ، جيئن مخلوق کي ڏنو ويندو آهي، سَلام تہ الله تعاليٰ جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ هنن لفظن جي ذريعي مُخاطب کي سلامتي جي دعا ڏني ويندي آهي جيئن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا الله عَزَّوَجَلَّ جي سلام جي جواب ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد وثنا بيان ڪئي، پوءِ جبريل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ پوءِ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ سلام جو جواب عَرْض ڪيو. هن مان معلوم ٿيو تہ **سلام موڪلڻ وارڻ سان گڏوگڏ سلام پهچائڻ واري کي بہ سلام جو جواب ڏيڻ گهرجي.**[1]

## جيڪڏهن ڪو ڪنهن جو سلام آڻي تہ...؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! (جڏهن ڪو ڪنهن جو سلام پهچائي تہ ان جو جواب ائين ڏيڻ گهرجي جو پهريان ان پهچائڻ واري کي سلامتي جي دُعا ڏني وڃي پوءِ ان کي جنهن سلام موڪليو آهي، يعني ائين چوي: "عَلَيْكَ وَعَلَيْهِ السَّلَام" [2] الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عِلمِ دِين سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي اسان جي لاءِ عِلمِ دِين

---

[1]... فتح الباری، کتاب مناقب الانصار، باب تزويج النبی صلی الله عليه وسلم...الخ، ۱۱۷/۸، تحت الحديث:۳۸۲۰، ملتقطاً.

[2]...بهارِ شريعت، حصہ۱۶، ۴۶۳/۳.



www.dawateislami.net

سکڻ جا ڪيئي آسان ذريعا پيدا ڪيا آهن، اسان ڪي بہ گھرجي تہ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪيون. رمضان جو مهينو پنهنجون برڪتون لٽائي رهيو آهي، ڪوڙ سارا اسلامي ڀائر سڀي رمضان جي اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن، اي ڪاش! اسان بہ انهن عاشقانِ رمضان جي صحبت ۾ علمِ دين سکڻ جي سعادت حاصل ڪيون، نہ تہ گھٽ مان گھٽ آخري عشري جي اعتڪاف جي ذريعي علمِ دين سکڻ جي ڪوشش تہ لازمي ڪيون، هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪي معمول بڻايون بلڪ چند رات يعني عيد جي رات ڪان هتو هٽ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن ۾ بہ سفر، 63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس، 41 ڏينهن جي مدني انعامات و مدني قافلہ ڪورس يا 12 ڏينهن جو مدني ڪورس ڪري مختلف وقتن ۾ پڙهيون ويندڙ دعائون، وضو، غسل ۽ نماز جا ضروري مسائل سکڻ جي سعادت حاصل ڪيون. الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدَتُنا خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هڪ عظيم خاتون هئي جيڪا هر لحاظ سان ڪامل ۽ اڪمل هئي، يعني نَسب جي لحاظ کان، شَرافت جي لحاظ کان، اَخلاق جي لحاظ کان، ڪردار جي لحاظ کان، مال ودولت ۽ ماڻهن سان خَير خواهي ۾ هوءَ پنهنجي دَوَر جي عظيم شخصيت هئي، سندن ڪي امامُ الانبياء حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نڪاح ۾ اچڻ جو شرف بہ حاصل ٿيو اچو! هاڻي حضرت سَيدتُنا خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نڪاح جو واقِعو ٻڌون ٿا جيئن



www.dawateislami.net

## رسولِ خدا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نِڪاح جو سبب

محبوبِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان حضرت سيدَتُنا خديجه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي نِڪاح جو هڪ سبب پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شام جو سفر هو جو جڏهن حضرتِ خديجه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا پنهنجي غلام ميسره جي زباني پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پيغمبرانه صفتون ٻڌيون ۽ سندن پاڻ نه ملائڪن کي حضور ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڇانوَ ڪندي ڏٺو ته اهي ڳالهيون سرڪار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نِڪاح ڪرڻ ۾ رغبت جو سبب بڻيون. ۽ اهو به مروي آهي ته خواتينِ قُريش جي هڪ عيد ٿيندي هئي جنهن ۾ اُهي بَيتُ الله شريف ۾ گڏ ٿينديون هيون. هڪ ڏينهن انهيءَ سلسلي ۾ اهي گڏ هيون ته ملڪِ شام جو هڪ شخص آيو ۽ انهن کي پُڪاري چيائين: اي گروه قُرَيش جون عورتون! عنقريب توهان ۾ هڪ نبي ظاهر ٿيندو جنهن کي احمد (صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) چيو ويندو، توهان مان جيڪا عورت به ان جي گهرواري بڻجڻ جو شرف حاصل ڪري سگهي ٿي ته اهو ائين ضرور ڪري. اهو ٻڌي عورتن ان کي پٿر ۽ پٿريون هنيون گهٽو برو پلو چيو ۽ نهايت بد ڪلامي ڪئي پر حضرتِ خديجه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا خاموشي اختيار ڪئي ۽ هن ڳالهه کي پنهنجي ذِهن ۾ محفوظ ڪري ورتو. ان ڪان پوءِ جڏهن ميسره سندن کي اهي نِشانيون ٻڌايون، جيڪي اُنهن ڏٺيون هيون ۽ پاڻ به جيڪو ڪجهه ڏٺو ان ڪري سندن ذهن ۾ اهو خيال پيدا ٿيو ته جيڪڏهن ان شخص سچ چيو ته اها شخصيت هيءَ ئي ٿي سگهي ٿي.[1]

---

1...سبل الهدى و الرشاد، ۲/۱۶۴.



www.dawateislami.net

ہو بیاں کس سے تمہاری شان و عظمت یارسول
جب تمہاری خود خدا کرتا ہے مِدحت یارسول

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 241)

## تقريبِ نِڪاح

پوءِ سرڪارِ عالي وقار،محبوبِ رَبِّ غفّار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَخلاق و عادتن کان متاثر ٿي حضرتِ خديجہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا پنهنجي ساهيڙي( نفيسہ بنتِ منيہ) کي حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا معلوم ڪرڻ جي لاءِ موڪليو، حُضُورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا معلوم ڪرڻ کان پوءِ (نفيسہ بنتِ منيہ) حضرتِ خديجہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ آئي ۽ چيائين: مُبارَڪ هجي! محمدِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي درخواست قَبول ڪئي آهي، ان تي حضرتِ خديجہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا گهڻيون خوش ٿيون ۽ مَسَرَّت جو اظهار ڪيو. پوءِ ڪنهن کي پنهنجي چاچي عَمرو بن اسد وٽ موڪليو تہ نڪاح جي وقت اهي بہ موجود هجن، هوڏانهن حُضُورِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ابُوطالِب، حضرتِ حمزه رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ ڪجهہ ٻين چاچن سان ۽ حضرتِ ابوبڪر صِدِّيق رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ قبيلہ مُضَر جي ٻين سردارن سان حضرتِ خديجہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ نِڪاح ڪيو. نِڪاح جي اها پُر سعيد تقريب سيدِ عالَم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سفرِ شام تان واپسي جي بہ (2) مهينہ 25 ڏينهن بعد مُنْعَقِد ٿي.[1] ۽ سيدَتُنا خديجہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا رسولِ ڪريم، رَءُوْفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نڪاح ۾ اچي قيامت تائين جي سيني مؤمنين جي ماءُ يعني اُمُّ الْمُؤمنين ٿيڻ جو شَرف حاصِل ڪيو.

---

[1]...مدارج النبوة،باب دوم در كفالت عبد المطلب ...الخ، ٢٧/٢.
والمواهب اللدنية،المقصد الاول، ذكر حضانته صلى الله عليه وسلم، ١٠١/١.



www.dawateislami.net

## ڄڃ جو ڪاڌو

نِڪاح ڪان پوءِ حضرتِ سيدَتُنا خديجه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا حُضُورِاقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عَرْض ڪيو: پنهنجي چاچن کي چئو ته هڪ اُٺ ذَبْح ڪري ماڻهن کي ڪاڌو ڪارائن. پوءِ ماڻهن کي ڪاڌو ڪارائڻ ڪان پوءِ رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا ۽ حضرتِ خديجه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، ان سان الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اکين کي ٺڏاڻ عطا فرمائي. پاڻ جي شفيق چاچي ابوطالِب هن شادي تي وڏي خوشي جو اِظهارڪيو ۽ چيائون: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الَّذِیْ اَذْهَبَ عَنَّا الْکُرَبَ وَرَفَعَ عَنَّا الْهُمُوْمَ“ سڀ خوبيون ان ذات جي لاءِ جنهن اسان ڪان مصيبتون پري ڪيون ۽ اسان ڪان غم ختم ڪيا.“[1] اهڙي طرح شادي جي اها پُرسعيد تقريب پنهنجي اِخْتتام تي پهتي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شادين ۾ ٿيڻ واريون بيهوده رسمون

پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت جي دعويٰ ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول! غور ڪيو ته ٻنهي جهانن جي تاجور، محبوبِ ربِّ داور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ نڪاح جي اها عظيمُ الشّان تقريب ڪيتري قدر سادَگي سان بحسن وخُوبي انجام پذير ٿي. پر افسوس! اڄڪلهه اسان جي مُعاشري ۾ مگڻي ۽ شادي جي موقعي تي +ڪجهه ناجائز ۽ بيهوده رسمون ايتري قدر عام ٿي ويون آهن جو انهن ڪانسواءِ تقريبن کي ڄڻ اڌورو سمجهيو ويندو

---

[1]...شرح الزرقانی علی المواهب، المقصد الاول، باب تزوجه صلی الله عليه وسلم خديجة، ٣٧٩/١



www.dawateislami.net

آهي. اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه شادي وهانء جي تقريبن ۾ ٿيڻ وارن گُناهن جي نشاندهي ڪندي پنهنجي رسالي ”گانن باجن جو تباهه ڪاريون“ ۾ لکن ٿا:

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه شاديءَ جهڙي مني مني سنّت تمام گهڻن گناهن ۾ گهيرجي وئي آهي، بيهوده رسمون ان جو جُزوِ لايَنفَڪ (يعني ڪڏهن جدا نه ٿيڻ وارو حصو) بڻجي چڪيون آهن، معاذالله عَزَّوَجَلَّ حالتون ايتريون ته خراب ٿي چڪيون آهن جو جيستائين تمام گهڻا حرام ڪم نه ڪيا وڃن ان وقت تائين هاڻي شادي جي سنّت ادا ٿي ئي نه ٿي سگهي. مثلاً مڱڻي جي رسم ڪي ئي وٺو! ان ۾ ڇوڪرو پنهنجي هٿ سان ڇوڪريءَ کي منڊي پارائيندو آهي حالانڪ هي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. شاديءَ ۾ مرد پنهنجا هٿ ميندي سان رنگيندو آهي اهو به حرام آهي، مردن ۽ عورتن جون گڏيل دعوتون ڪيون وينديون آهن، يا ڪٿي نالي جو وچ ۾ پردو هنيو ويندو آهي پر پوءِ به عورتن ۾ غير مرد گهڙي ڪري ڪاڻو ورهائيندا آهن ۽ خوب وڊيو فلمون پريندا آهن. آهه! شادين ۾ خوب فيشن پرستي جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي، خاندان جون جوان ڇوڪريون خوب نچنديون، ڳائينديون ۽ هل هنگاما ڪنديون آهن. ان دوران مرد به بغير تڪلّف جي اندر ايندا ويندا آهن، مرد ۽ عورتون دل کولي بدنگاهي ڪندا آهن، نه خوفِ خدا ۽ نه شرمِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

ياد رکو! غير مرد غير عورت کي ڏسي يا غير عورت غير مرد کي شهوت سان ڏسي اهو حرام ۽ ٻنهي جي لاءِ هي جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن، ان ڪري اسان کي به گهرجي ته انهن غلط رسمون ۽ رواج کي ڇڏي سُنَّت جي مُطابق سادگي سان شادي کي خانه آبادي جو ذريعو بڻايون جو هن ۾ ڀلائي به آهي ۽ برڪت به جيئن ته



www.dawateislami.net

## بَرَکت وارو نکاح!

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدَتُناعائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي تہ نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سَرْوَر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو:" وڏي برڪت وارو نڪاح اهو آهي جنهن ۾ بَوجهہ گهٽ هجي."

(مُسند احمد ،الحديث ٢٤٥٨٣ج٩،ص٣٦٥)

حڪيمُ الاُمَّت حضرت علامہ مولانا مفتي احمديارخان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْہ هن حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: "يعني جنهن نڪاح ۾ فريقين جو خرچ گهٽ ڪرايو وڃي، مهر بہ معمولي هجي، ڏاج گهڻو نہ هجي، ڪو بہ قرضي نہ ٿي وڃي، ڪنهن طرف کان ڪا سخت شرط نہ هجي، الله (عَزَّوَجَلَّ) جي تَوڪل تي چوڪري ڏني وڃي اهو نڪاح وڏو ئي بابرڪت آهي ۽ اهڙي شادي خانہ آبادي آهي. (مرأة المناجيح ،ج٥ ،ص١١)

شادیوں میں مَت گُنَہ نادان کر
خانہ بربادی کا مَت سامان کر
سادَگی شادی میں ہو سادہ جہیز
جیسا بی بی فاطمہ کا تھا جہیز
چھوڑ دے سارے غَلَط رَسم و رواج
سنّتوں پہ چلنے کا کر عَہد آج[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... وسائل بخشش، ص٦٧٠.



www.dawateislami.net

## قدم قدم حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمُّ الْمُومنين حضرت سَيِدَتُنا خديجه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا گهڻي مالدار عورت هيون، جيڪڏهن پاڻ چاهين ها ته خُوب آرام ۽ سُڪون سان پنهنجي زندگي جا ڏينهن گذاري سگهن ها پر پاڻ پنهنجي سرتاج، صاحب معراج صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاطِرِ شاهانه انداز کي ڇڏي پنهنجي سڄي زندگي حضور پر نُور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت، تڪليفون ۽ مُصِيبتون برداشت ڪندي گُذاري ڇڏي، جيڪا سندن رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهَا جي پياري آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جو واضح دليل آهي، جڏهن سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان اِعْلانِ نبوت فرمايو ۽ خُدا جي مخلوق کي صرف هڪ معبودِ حقيقي جي عِبادت ڏانهن سڏيو ته پاڻ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوتِ اسلام کي قبول ڪرڻ جي بدران سندن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي مَصيبتن ۽ تڪليفن جو زور وڌندو ويو، راهه ۾ ڪنڊا اڇلايا وياءِ اهڙي نازڪ ۽ ڏکئي مرحلي ۾ جن هستين حق جي پُڪار تي لبيڪ چوندي سڀ کان پهريان سرڪار صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت قبول ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ان ۾ هڪ نمايان نالو حضرتِ سيدَتُنا خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهَا جو آهي. پاڻ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهَا پروانن وانگر پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي فدا ٿينديون رهيون ۽ هرمشڪل ۾حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ ڏنو، حضرتِ سيدنا علّامه محمد بن اسحاق مَدَني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته سيدِ عالَم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن به ڪافرن جي طرفان پنهنجي دل ڏکوئيندڙ ڪا ناپسنديده ڳالهه ٻڌي غمگين ٿيندا هئا ته ان ڪان پوءِ حضرتِ خديجه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ ايندا هئا ته انهن جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان رَنج وغم جي ڪيفيت



www.dawateislami.net

پري ڪري ڇڏيندو هو.“ [1]

## هڪ انمول مَدَني پُھول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيدَتُناخديجة الڪبريٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو اهڙن نازڪ حالات ۾ عزم و اِسْتقلال سان خطرا ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻ سندس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي ٻين اَزواجِ مُطهرات رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ کان مُمتاز ڪري ڇڏي ٿو. ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي هن حَياتِ طَيبَہ مان اسان کي اهو انمول مَدَني گل چونڊڻ جي لاءِ مليو ته چاهي ڪهڙا به ڏکيا حالات هجن، ڪهڙي به مُشڪلات کي منهن ڏيڻو پوي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري کان هرگز پاسو نه ڪرڻ گهرجي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪٽي آيل پياري دين ”اِسلام“ جي خاطِر مالي ۽ جاني ڪنهن به قسم جي قُرباني کان پاسو نه ڪرڻ گهرجي.

تیرے نام پر سر کو قُربان کر کے
تیرے سر سے صدقہ اُتارا کروں میں
یہ اک جان کیا ہے اگر ہوں کروڑوں
تیرے نام پر سب کو وارا کروں میں (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان اهو مدني گل به مليو ته عورت کي تنگدستي ۽ خُوشحالي هر حال ۾ پنهنجي مڙس جو ساٿ ڏيڻ گهرجي

---

[1]...السيرة النبوية لابن اسحاق، تحديد ليلة القدر، ١٧٦/١.

[2]...سامانِ بخشش، ص١٠٢.



www.dawateislami.net

۽ بِلاوجہ جهيڙي جهتي ۽ شڪوو شڪايت ڪرڻ بدران هميشہ صبر ۽ شڪر سان ڪم وٺڻ گهرجي بلڪ نيڪ سيرت ۽ مثالي گهرواريءَ جي خُوبي تہ اها آهي تہ اها هميشہ پنهنجي مڙس جي نعمتن جي شڪر گُذار رهندي آهي ۽ ڪڏهن بہ ان جي اِحسانن جو اِنڪار ڪري ناشڪري ناهي تيندي، اها چڱي طرح ڄاڻي ٿي تہ مڙس منهنجي لاءِ هڪ مضبوط سهارو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت آهي، اهو ئي منهنجي ضرورتن کي پُورو ڪندو آهي ۽ ان جي ڪري ئي مون کي اَولاد جي نعمت ملي آهي.

رحمتِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عورتن کي پنهنجي مڙسن جي ناشڪري کان بچڻ جي گهڻي تاڪيد فرمائي آهي. جيئن حضرت اَسماء بنتِ يزيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ هڪ ڀيري سرڪارِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان عورتن وٽان گذريا تہ اسان کي سلام ڪيو ۽ فرمايائون: احسان ڪرڻ واري جي ناشڪري کان بچجو، اسان عرض ڪيو تہ احسان ڪرڻ واري جي ناشڪري مان ڇا مُراد آهي؟ فرمايائون: ممڪن آهي تہ توهان مان ڪا عورت ڊگهي عرصي تائين بنا مڙس جي پنهنجي والدين وٽ وينل رهي ها ۽ پوڙهي ٿي وڃي ها پر الله عَزَّوَجَلَّ ان کي مڙس عطا ڪيو ۽ ان جي ذريعي مال ۽ اولاد جي نعمت سان نوازيو، ان جي باوجود جڏهن هو غصي ۾ ايندي آهي تہ چوندي آهي: مون ان ۾ ڪڏهن بہ ڀلائي ڏٺي ئي ناهي.

(مسند امام احمد، مسند القبائل، حديث اسماء ابنة يزيد، ۴۳۳/۱۰، حديث: ۲۷۶۳۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بد قسمتي سان اسان جي معاشري ۾ اڪثر عورتون ناشڪري جي بَلا ۾ گرفتار نظر اچن ٿيون ٿورو ڪنهن اعليٰ گهراڻي کي يا ڪنهن عورت جي قيمتي ڪپڙن ۽ قيمتي زيورات کي ڏسي ورتو تہ ناشڪري ڪرڻ لڳنديون آهن. جيئن تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ مون جهنم ۾ وڌيڪ تعداد عورتن جو ڏٺو تہ اهي ناشڪري



www.dawateislami.net

ڪنديون آهن. تہ عرض ڪيو ويو: اَيَكْفُرْنَ بِاللهِ؟ ڇا اللہ عَزَّوَجَلَّ ڪان ڪفر (ناشڪري) ڪنديون آهن؟ ارشاد فرمايائون: يَكْفُرْنَ الْعَشِيْرَ وَيَكْفُرْنَ الْاِحْسَان يعني مڙس جي ناشڪري ڪنديون آهن ۽ احسان نٿيون مڃن، لَوْ اَحْسَنْتَ اِلٰى اِحْدٰهُنَّ الدَّهْرَ يعني جيڪڏهن توهان ان مان ڪنهن سان سڄي عمر احسان ڪيو ثُمَّ رَاَتْ مِنْكَ شَيْئًا يعني پوءِ ٿوري ڳالھ بہ خلافِ مزاج توهان مان ڏسنديون تہ چوي، مَا رأيتُ مِنْكَ خَيْرًا قَطُّ مون ڪڏهن بہ توهان مان ڪا ڀلائي نہ ڏٺي. (صحيح البخاري ، كتاب الايمان ، باب كفران العشير ...الخ، رقم ٢٩،ج١،ص٢٣)

ان ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان پنهنجي گهر وارن کي صبر وشڪر جون فضيلتون ٻڌايون، هڪ ٻئي جا حق چڱي نموني نڀائيون ۽ پاڻ ۾ ٿيندڙ رنجشن کي چڱي طريقي سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون. ياد رهي! زال مڙس جي وچ ۾ باهمي مَحَبَّت والفت جو اهو خُوبصورت رشتو چڱي طريقي سان ان وقت هلي سگهي ٿو جڏهن زال مڙس هڪ ٻئي جي حقن کي چڱي طرح سان ادا ڪن. يقيناً زال مڙس ٻنهي کي هڪ ٻئي جا حق ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، ان ڪري ٻنهي کي گهرجي تہ اهي پنهنجي پنهنجي حقن کي نرمي سان ادا ڪندا رهن تہ ان طرح سان اسان جو گهر امن وسڪون وارو بڻجي سگهي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيدتنا خديجہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي سخاوت!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِّدَتُنا خديجہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي هڪ نهايت اعليٰ صفت اها بہ هئي تہ پاڻ کلي هٿ ۽ فراخ دل جي مالڪ هيون ۽ دل کولي سخاوت ڪنديون هيون. جيئن



www.dawateislami.net

هڪ پيري نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمُّ المومنين حضرت سَيِدَتُنا عائشہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! خديجہ کان بهتر مون کي ڪا گهرواري نہ ملي، جڏهن سيني ماڻهن منهنجو جو انڪار ڪيو ان وقت ان مون تي ايمان آندو ۽ جڏهن سڀ ماڻهو مون کي ڪوڙو چئي رهيا هئا ان وَقت اُنهن منهنجي تصديق ڪئي ۽ جنهن وَقت ڪو شخص مون کي ڪا شيء ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ هو، ان وَقت خديجہ مون کي پنهنجو سمورو مال ڏئي ڇڏيو ۽ ان مان الله تعاليٰ مون کي اَولاد عطا فرمايو. (الاستيعاب،باب النساء:٣٣٤٧،خديجة بنت خويلد،ج٤، ص٣٨٤)

## حضرتِ حليمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي تحفو

اهڙي طرح هڪ پيري رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضاعي والِده حضرتِ حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا مڪي شريف ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه اَقْدس ۾ حاضر ٿي، ڏُڪار ۽ چوپايو مال مرڻ جي شڪايت ڪئي. اُن وَقْت سرڪارِ عالي وقار، محبوبِ ربِّ غفّار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضرتِ خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سان شادي ٿي چڪي هئي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن سلسلي ۾ حضرتِ خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سان ڳالهہ ڪئي تہ انهن حضرتِ حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي 40 ٻڪريون ۽ هڪ اُٺ تحفي طور پيش ڪيو.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا وڏي فَراخ دل ۽ ڪثرت سان سَخاوت ڪنديون هيون. اسان کي بہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي سيرت تي عمل ڪندي خُوب دل کولي صَدَقہ وخَيرات ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. اسان جي پياري دِينِ اسلام اسان کي مُسلمانن جي خَيرخَواهي، حُسنِ سُلُوڪ ۽ غريبن جي مدد، يتيمن جي ڪفالت ڪرڻ جو دَرَس ڏنو آهي، ۽ هر سال صاحبِ نصاب اَفْراد تي ڪن شرطن جي موجودگي جي

---

[1] ...الطبقات الكبرىٰ، ذكر من ارضع رسول الله صلى الله عليه وسلم...الخ، ٩٢/١.



www.dawateislami.net

صُورت ۾ زڪوٰة کي فرض فرمايو، نَفْلي صَدقات جا فَضائل بيان ڪري ماڻهن کي سخاوت جو درس ڏنو ۽ بخل جي مَذمَّت بيان ڪئي آهي، تنهنڪري زڪوٰة جهڙي اَهم فريضي جي اَدائيگي ۾ سُستي وتنگ دِلي کان ڪم وٺڻ بدران خالصةً رِضاءِ الٰهي جي خاطر ان جي تمام شرعي مسئلن کي سامهون رکندي اَدائيگي ڪيو ۽ نفلي صَدقات جو بہ ذِهن بڻايو جو صَدَقو الله تَعاليٰ کي گهڻو پسند آهي ۽ آفتن ۽ بَلائن کي ٽارڻ سان گڏوگڏ غريبن مِسڪينن جي گهڻين ئي ضَرورتن جي پُوري ٿيڻ جو سبب آهي. اچو! سَخاوت جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ سَخاوت جي فضائل تي 3 فرمانِ مُصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا

1. اَلْجَنَّةُ دَارُالْاَسْخِيَاء يعني جنّت سخين جو گهر آهي.[1]

2. سخي الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو آهي، جنّت جي ويجهو آهي ماڻهن جي ويجهو آهي، باهہ کان پري آهي ۽ ڪنجوس الله عَزَّوَجَلَّ کان پري آهي، جنّت کان پري آهي، ماڻهن کان پري آهي، باهہ جي ويجهو آهي ۽ جاهل سخي،الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو بخيل عالِم کان بهتر آهي.[2]

3. اي انسان! جيڪڏهن توهان بچيل مال خرچ ڪيو تہ توهان جي لاءِ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن ان کي روڪي رکيو تہ توهان جي لاءِ برو آهي ۽ بَقَدْرِ ضرورت پاڻ وٽ رکي وٺو تہ توهان تي ملامت ناهي ۽ ڏيڻ ۾ پنهنجي عيال کان اِبْتدا ڪيو ۽ مٿيو هٿ هيٺين هٿ کان بهتر آهي. (صحيح مسلم: كتاب الزكاة، الحديث:١٠٣٦،ص٥١٦)

---

1 . . . فردوس الاخبار،١/ ٣٣٣،حديث: ٢٤٣٠

2 . . . سنن الترمذی ، کتاب البروالصلة ، باب ماجاء فی السخاء،٣/ ٣٨٧ ،حديث :١٩٦٨



www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي شعبن جو مُختصر تعارُف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهي ماڻهو وڏا خوش نصيب آهن جيڪي پنهنجي مال جا حُقُوقِ واجبہ اَدا ڪندا آهن يعني خُوش دِلي سان بَر وَقْت زڪوٰة ۽ فطرو اَدا ڪندا آهن، پنهنجي مال ماءُ پيءُ ڀيڻ ڀاءُ ۽ اَولاد تي خرچ ڪندا آهن، پنهنجي عزيز مٽ مائٽن ۾ غريب ۽ يتيم افراد جي ڪفالت ڪندا آهن، مسجدن ۽ مدرسن ۽ نيڪي جي ٻين ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺندا آهن. نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو هي بہ آهي تہ اسان دين جي پيغام کي عام ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو پيسو خرچ ڪيون تہ جيئن اسان جي لاءِ صدقہ جاريہ ٿي وڃي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ واري غير سياسي مسجد ڀرو تحريڪ آهي، جنهن جو مقصد هرمسلمان کي اهو مدني ذِهن ڏيڻ آهي تہ **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“**۔ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سنتن جي تربيت ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ تقريباً 103 شعبن ۾ مَدَني ڪم ڪري رهي آهي. انهن سڀني شعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين نہ بلڪ اربن روپين جي اَخراجات جي ضرورت هوندي آهي. مُلڪ ۽ ٻاهرين مُلڪ دعوتِ اسلامي جي تحت 452 جامعاتُ المدينہ (للبنين وللبنات) قائم آهن جن ۾ ڪم و بيش، ٽيهہ هزار ٽي سو چونجاهہ (30354)،طلبہ و طالبات درسِ نظامي ڪري رهيون آهن، ۽ بہ هزار چار سو پنجهتر(2475) مدرسة المدينہ(للبنين وللبنات) بہ قائم آهن جن ۾ ڪم وبيش هڪ لک تيرهن هزار هڪ سو



www.dawateislami.net

ارڙهن (113118) مدَني مُنّا ۽ مدَني مُنّيون حِفْظ و ناظره جي مُفت تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. مدني چينل جيڪو بي شُمار مسلمانن جي اِصْلاح ۽ ڪافرن جي قَبولِ اسلام جو سبب بڻجي رهيو آهي ۽ ان جي ذريعي لکين عاشقانِ رسول عِلْمِ دِين سان مالا مال ٿي رهيا آهن، مدني چينل تي رَمَضانُ الْمُبارَڪ ۾ بعدِ عصر ۽ بعدِ تراويح روزانو 2 دفعا ۽ رَمضان کان علاوه هفتي ۾ هڪ دفعو مدني مذاڪرو براه راست(Live) نشر ڪيو ويندو آهي. 12 دارُالافتاء اهلسنّت، المدينة العلميہ، مجلسِ مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريہ جنهن کان ماهوار لکين مسلمان مُستَفِيض ٿي رهيا آهن ان جي علاوه مدَني مراڪز (فيضانِ مدينہ)، بين مسجدن جي تعميرات و انتظامات، مدَني تَرْبِيت گاهون، مختلف تربيتي ڪورسز (مثلاً فرض عُلُوم ڪورس، امامت ڪورس، مدرس ڪورس، مدني تربيتي ڪورس، مدَني انعامات و مدني قافلہ ڪورس، قفلِ مدينہ ڪورس، فيضانِ اسلام ڪورس، فيضانِ قرآن وحديث ڪورس، 12روزه مدني ڪورس وغيره)،اهڙي طرح هفتيوار اجتماع، وڏي راتن (مثال طور شبِ ميلاد، يارهين شريف،شبِ معراج، شبِ براءت ۽ شبِ قدر وغيره) جا اجتماع، سڄي رمضان جا يا آخري عشري جو اجتماعي اعتڪاف مطلب تہ هي تہ مُنَظَّم طريقي سان مدَني ڪمن کي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت تقريباً 103شعبڻ جي لاءِ وڏي رقم دَرڪار هوندي آهي. اوهان بہ وڌ کان وڌ مدني عطيات جمع ڪيو ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْكاةُ الْمَصابِيح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالكتب العلمية بيروت)

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا

جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي "163 مَدَني گل " مان مِسْواڪ بابت مدني گل ٻڌون ٿا.

۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏھ خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، ماھرن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ۞ مسواڪ پيلو (ڪبر) يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولھ چيچ جي برابر هجي ۞ ڏنڊڻ هڪ گرانٺ کان ڊگھو نہ هجي نہ ته ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ۞ مسواڪ تازو هجي ته سٺو نہ ته ڪجھ دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري



www.dawateislami.net

ڇڏيو ۞ ان جا tاندورا روزانو ڪتيندا رهو جو tاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪوڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ۞ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ۞ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ۞ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قَبليہ آهي البت سنّت مؤڪَّدَه ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ شريف ج 1 ص 243) ۞ استعمال ٿيل ڏندڻ جا tاندورا ڳڏوگڏ خود ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي ته اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارِشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ءِ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَني پهول،ص٢٧)

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَرْوَرْدْگار

سنّتوں کی تربیت کے قافِلے میں بار بار

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمع جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعو ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net